SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXXVII مجريه 2013
# SINDH ACT NO.XXXVII OF 2013
# سنڌ لوڻ جي لازمي آيوڊائيزيشن ايڪٽ، 2013
# THE SINDH COMPULSARY IODIZATION OF SALT ACT, 2013

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. آيوڊائيزڊ لوڻ تيار ڪرڻ ۽ گهرائڻ
Processing and import of iodized salt

4. آيوڊائيزڊ لوڻ جي تياري ۽ ذخيره اندوزي لاءِ لائسنس
License for processing and storage of iodized salt

5. وڪرو، درآمد، سب اسٽينڊرڊ تي پابندي ۽ آيوڊائيزڊ لوڻ جي درآمد
Ban on sale, import, sub_standard and import of iodized salt

6. غير معياري آيوڊائيزڊ لوڻ تي پابندي ۽ درآمد ڪرڻ
Ban on sub_standard and import of iodized salt

7. لوڻ جي ملاوٽ تي پابندي
Ban on salt adulteration

8. انسپيڪٽرن جي مقرري ۽ انهن جا ڪم

Appointment of inspectors and their functions
9. ڏنڊ
Penalties
10. ڏوھن جو عدالتي اختيار
Cognizance of offence
11. ڏوھن تي ڪارروائي
Trial of offences
12. قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules
13. ضمانت
Indemnity

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXXVII مجريه 2013
# SINDH ACT NO.XXXVII OF 2013
# سنڌ لوڻ جي لازمي آيوڊائيزيشن ايڪٽ، 2013
# THE SINDH COMPULSARY IODIZATION OF SALT ACT, 2013

[1 اپريل 2013]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لوڻ جي لازمي آيوڊائيزيشن ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته ماڻهن ۾ آيوڊين جي ڪمي ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ لوڻ جي لازمي آيوڊائيزيشن ضروري ٿي پئي آهي؛

ان ڪي هن ريت جوڙيي عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ لوڻ جي لازمي آيوڊائيزيشن ايڪٽ، 2013 سڏيو ويندو.

(2)هن جي پوري صوبي سنڌ تائين توثيق ڪئي ويندي.

(3)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2.هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجھ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(a) "ڊسٽريبيوٽر" جنهن ۾ شامل آهي اهو ماڻهو جيڪو آيوڊائيزڊ لوڻ جو واپار ڪندو هجي ۽ ان ۾ بڏي تي وڪرو ڪندڙ يا ريزڪي وڪرو ڪندڙ به شامل ٿي سگھي ٿو.

(b) "کائڻ وارو لوڻ" مطلب انسان ۽ جانورن لاءِ استعمال ٿيندڙ لوڻ ۽ جنهن ۾ شامل آهي کائڻ وارو لوڻ؛

(c) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت.

(d) "آيوڊين جي کوٽ واري بيماري" جنهن ۾ شامل آهي آيوڊين جي کوٽ جي نتيجي ۾ ٿيندڙ بيمارين جون ڪيميائي عمل ۽ طبي نشانيون؛

(e) "انسپيڪٽر" مطلب هن ايڪٽ تحت مقرر ڪيل انسپيڪٽر؛

(f) "ليبل لڳائڻ" جنهن ۾ شامل آهن آيوڊائيزڊ لوڻ جي پيڪيج، بيگ يا ٿيلهي تي سمورا ليبل ۽ ٻيا لکت، شايع ٿيل يا گرافڪ معاملا ۽ جنهن ۾ شامل ٿي سگهن ٿا لوڻ جو مرڪب، تياري ۽ مدو ختم ٿيڻ واريون تاريخون، لوڻ جي صفائي واري وقت پوٽيشم آيوڊيٽ جو مقدار ۽ تيار ڪرڻ واري يونٽ جو پتو؛

(g) "جوڙجڪ" مطلب ڪو شخص، ڪمپني، ڪارپوريشن يا ٻيو ڪو اثاثو جيڪو ڪائڻ واري لوڻ جي فراهمي واري واپار، تياري، پرائي ۽ پيڪنگ ۾ رڌل هجي؛

(h) "غلط برانڊ لڳايل" مطلب آيوڊائيزڊ لوڻ جيڪو ٻي رجسٽرڊ برانڊ جي طرز تي گراهڪن کي دوکو ڏيڻ جي ارادي سان مشابهت رکندو هجي يا ان جي لڳايل ليبل تي واضح لفظ ظاهر نہ ٿيندا هجن؛

(i) "پيڪيج، بيگ ۽ ٿيلهي" جنهن ۾ شامل آهن پوليٿن بيگ جيڪي آيوڊائيزڊ لوڻ جي ليبلنگ ۽ ذخيرو ڪرڻ لاءِ استعمال ٿين؛

(j) "احاطا" مطلب ڪا جڳهہ جتي لوڻ حاصل ڪيو وڃي، تيار ڪيو وڃي، رکيو وڃي ۽ ٻڌي تي وڪرو ڪندڙ ڊسٽريبيوٽرز ريزڪي وڪرو ڪندڙ ۽ گراهڪن کي فراهم ڪيو وڃي؛

(k) "لوڻ جي عالمي معيارن مطابق آيوڊائيزيشن" مطلب سمورا کاڌ خوراڪ ۾ ڪتب ايندڙ گريڊ آيوڊائيزڊ لوڻ پوءِ اهي تيار ڪيا وڃن، منتقل ڪيا وڃن يا انسانن ۽ جانورن جي استعمال لاءِ گهرايا وڃن.

3. آيوڊائيزڊ لوڻ جو تاهيندڙ تيار ڪندڙ ۽ درآمد ڪندڙ:

آيوڊائيزڊ لوڻ تيار ڪرڻ ۽ گهرائڻ
Processing and import of iodized salt

(i) آيوڊائيزڊ لوڻ تيار ڪرڻ ۾ شامل هوندو. گهٽ ۾ گهٽ ٽيهه حصا في ملين (30 ppm) يا جيڪو مقدار آيوڊين جو تجويز ڪيو وڃي؛

(ii) لوڻ جي تياري وارن يونٽس ۾ ذاتي صحت، پورهيتن جي تحفظ جي اهتمام ۽ معيار جي ضمانت جي پوئواري ڪندو.

(iii) يقين ڏياني ڪرائڻ ته آيوڊائيزڊ لوڻ تيار ڪيو يا ٻاهران گهرايو ويندو جيڪو پاڪستان اسٽينڊرڊ ڪوالٽي ڪنٽرول اٿارٽي (PSQCA) ۽ ڪوڊيڪس ايليمينٽيريس ڪميشن طرفان قائم ڪيل کاڌ خوراڪ جي معيارن واري ڪوڊ موجب هوندو.

(iv) پڪ ڪرڻ ته ورتل لوڻ سڻي نموني آيوڊائيزڊ آهي ۽ پيڪيج، بيگ ۽ ٿيلهي جنهن ۾ آيوڊائيزڊ لوڻ خاص طور ليبل لڳل آهي لوڻ جي بيهڪ، تياري ۽ مدي جي تاريخن، اگهه ۽ تيار ڪندڙ يونٽس جو پتو آهي؛

(v) پڪ ڪرڻ ته آيوڊائيزڊ لوڻ جيڪو مدي واري تاريخ تائين پهچي چڪو هجي اهو وڪرو مارڪيٽ ۾ رکيو يا ورهايو نه ويندو.

(vi) پڪ ڪرڻ تي درآمد ڪيل آيوڊائيزڊ لوڻ قائم ڪيل ۽ حڪومت طرفان تجويز ڪيل قومي کاڌ خوراڪ جي معيارن تي پورو ٿو لهي؛ ۽

(vii) پڪ ڪرڻ تي ٻاهران گهرايل آيوڊائيزڊ لوڻ بهتر نموني پيڪ ڪيل، ليبل لڳايل ۽ پيڪيجز تي تيار ڪرڻ ۽ مدي واري تاريخ آهي؛

(2) لوڻ تيار ڪندڙ، ورهائيندڙ، ڊيلرز، برآمد ڪندڙ لوڻ جا نمونا انسپيڪٽر کي آيوڊين نمونا تجزيي بعد انسپيڪٽر کي ليبارٽري ۾ آيوڊين جو مقدار طئي ڪرڻ لاءِ مهيا ڪندا. ٽيسٽ لاءِ مهيا ڪرڻ کان انڪار نہ ڪندا هئا.

آيوڊائيزڊ لوڻ جي تياري ۽ ذخيره اندوزي لاءِ لائسنس

License for processing and storage of iodized salt

4. (1) ڪو بہ ماڻهو آيوڊائيزڊ لوڻ تيار، برآمد، ذخيرو يا ورهاست نہ ڪندو تيستائين جيستائين ان کي حڪومت طرفان اهڙي ڪاروبار لاءِ لائسنس نہ ڏنو وڃي.

(2) حڪومت طرفان جاري ڪيل لائسنس ساليانو اهڙي في سي سان نئون ڪيو ويندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

وڪرو، درآمد، سب اسٽينڊرڊ تي پابندي ۽ آيوڊائيزڊ لوڻ جي درآمد

Ban on sale, import, sub_ standard and import of iodized salt

5. (1) ڪو بہ ماڻهو صارفين کي اڻ آيوڊائيزڊ لوڻ نہ وڪرو ڪندو ۽ ٻيون سمورين عوام جي کائڻ وارين جڳهن تي جتي لوڻ استعمال ٿيندو هجي.

(2) ڪو بہ ماڻهو اڻ آيوڊائيزڊ ٿيل لوڻ درآمد نہ ڪندو.

(3) ڪو بہ ماڻهو ڪو آيوڊائيزڊ لوڻ تيار، ذخيرو، وڪرو يا وڪري جي آڇ يا درآمد نہ ڪندو، جيڪو معيار، پيڪيجنگ، جوڙجڪ يا حڪومت طرفان تجويز ڪيل آيوڊين جي سطح جي شرطن جي ڪان گهٽ معيار وارو هجي.

(4) ڪو بہ ماڻهو وڪرو، وڏائڻ يا ڪو سامان يا مادو لوڻ ۾ نہ

ملائيندو، جنهن سان لوڻ جي طبي ۽ ڪيميائي بيهڪ تبديل ٿي وڃي يا ان جي وزن ۽ مقدار ۾ فرق اچي وڃي، جيڪو انسان ۽ جانور جي صحت لاءِ هاڃيڪار هجي.

**آيوڊائيزڊ لوڻ جي سب اسٽينڊرڊ تي پابندي ۽ درآمد ڪرڻ**
**Ban on sub_standard and import of iodized salt**

6. ڪو به ماڻهو آيوڊائيزڊ لوڻ تيار ڪرڻ، ذخيرو ڪرڻ، ڪپائڻ يا ڪپائڻ جي آڇ ڪرڻ يا درآمد ڪرڻ لائق نه هوندو، جنهن جي غلط برانڊ لڳل هجي يا غلط ليبل هڻئي وڃي يا جنهن ۾ اها نوعيت، مادو يا معيار نه هجي، جيڪو هجڻ گهرجي.

**لوڻ جي ملاوٽ تي پابندي**
**Ban on salt adulteration**

7. (1) ڪو به آئيوڊائيزڊ لوڻ تيار ڪندڙ، ورهائيندڙ يا ريٽيلر صارفين کي آيوڊائيزڊ لوڻ جي معيار ۽ مقدار بابت ڪا به ڪوڙي وارنٽي نه ڏيندو.
(2) ڪو به ماڻهو آيوڊائيزڊ لوڻ هوادار ۽ سج جي روشني ۾ ذخيرو يا جمع نه ڪندو.

**انسپيڪٽرن جي مقرري ۽ انهن جا ڪم**
**Appointment of inspectors and their functions**

8. (1) حڪومت انسپيڪٽر ۽ اهڙو ٻيو عملو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ مقرر ڪري سگهي ٿي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي:
(2) انسپيڪٽرن جا اختيار ۽ ڪم هيٺين ريت هوندا:
(i) آئيوڊائيزڊ لوڻ تيار ڪندڙ يونٽس، احاطن، اسٽورن، هوٽل، ريسٽورنٽس ۽ ٻين جمع ڪرڻ وارن هنڌن جي جاچ پڙتال جتي لوڻ تيار ڪيو، پيڪ ڪيو، ليبل لڳايو، ذخيرو ڪيو، وڪرو ڪيو ۽ محفوظ ڪيو ويندو هجي ۽ آيوڊين اسپاٽ ٽيسٽ لاءِ لوڻ جا نمونا جمع ڪيا ويندا هجن، اهڙن نمونن ۾ آيوڊين جي مقدار کي طئي ڪرڻ لاءِ قدم کنيا ويندا

هجن؛ ۽

(ii) لوڻ جو اهڙو مقدار جنهن ۾ آيوڊين جو گهربل مقدار نہ هجي يا گهٽ معيار جي پيڪنگ هجي يا جنهن ۾ ملاوٽ جو شڪ هجي ۽ ان کي پنهنجي تحويل ۾ وٺندو ۽ مقامي اٿارٽي جي حوالي ڪندو يا تصديق ٿيڻ کانپوءِ ان کي ضايع ڪندو؛

ڏنڊ
Penalties

9. ڪو ماڻهو جيڪو هن ايڪٽ جي گنجائشن جي پيچڪڙي ڪري ٿو ان کي هيٺين مان ڪنهن هڪ يا سمورن ڏنڊن سان منهن ڏنو ويندو:

(i) لاڳاپيل ماڻهو کي لائسنس ڏيندڙ اٿارٽي طرفان جاري ڪيل لائسنس رد يا معطل ڪيو ويندو؛

(ii) اٿارٽي طرفان ڪنهن بہ وقت لائسنس کي ٻيهر نئون ڪرڻ کان انڪار ڪري سگهجي ٿو؛

(iii) لائسنسي، تيار ڪندڙ، ورهائيندڙ، هول سيلر ۽ ريٽيلر کي ڏنڊ جي سزا ڏني ويندي، جيڪا هڪ سئو هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿي، جيڪو ڏوهہ جي نوعيت جي مناسبت سان هوندو؛

(iv) ڏوهہ دهرائڻ يا ٻين کي پيچڪڙي ڪرڻ لاءِ اڪسائڻ يا ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ڪرڻ تي ڏنڊ جي سزا ڏني ويندي، جيڪا پنجاهہ هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿي؛

(v) ڪنهن ڏوهہ ثابت ٿيڻ تي مئجسٽريٽ ضبط ڪيل لوڻ يا احاطي ۾ ذخيرو ڪيل درآمد ڪيل لوڻ جي ضبط ڪرڻ يا نيڪال ڪرڻ جو حڪم ڏئي سگهي ٿو.

ڏوهہ جو ازالو
Cognizance of

10. ڪنهن بہ عدالت کي هن ايڪٽ تحت ڪنهن ڏوهہ تي حڪومت طرفان بااختيار بڻايل عملدار طرفان لکت ۾

| | |
|---|---|
| رپورٽ ڪانسواءِ ڪارروائي لاءِ اختيار نہ هوندو. | offence |
| 11. هن ايڪٽ تحت ڪيل ڏوهہ فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ طرفان ٻڌڻ لائق هوندا. | ڏوهن تي ڪارروائي<br>Trial of offences |
| 12. حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. | قاعدا جوڙڻ جو اختيار<br>Power to make rules |
| 13. هن ايڪٽ تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي تي ڪنهن شخص خلاف ڪو بہ مقدمو ڪيس يا ٻي قانوني ڪارروائي نہ ڪئي ويندي. | ضمانت<br>Indemnity |
| **نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** | |